SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 2001

# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 2001

## سنڌ سول ملازمن (مقررين بابت موزونيت جي تشخيص) آرڊيننس، 2001

## THE SINDH CIVIL SERVANTS (ASSESSMENT OF SUITABILITY OF APPOINTMENT) ORDINANCE, 2001

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ڪميشن ڏانهن ريفرنس
Reference to commission

4. ملازمت تان برطرفي
Termination of service

5. سينيارٽي
Seniority

6. دائره اختيار تي پابندي ۽ مقدمن ڪان منع
Bar of Jurisdiction and abatement of suits

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 2001
# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 2001
# سنڌ سول ملازمن (مقررين بابت موزونيت جي تشخيص) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH CIVIL SERVANTS (ASSESSMENT OF SUITABILITY OF APPOINTMENT) ORDINANCE, 2001

[20 جنوري 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪميشن کي رجوع ڪرڻ کانسواءِ مخصوص عهدن تي مقرر ڪيل ماڻهن جي مقرريءَ جي موزونيت جي تشخيص ڪرڻ ۽ بدليءَ ذريعي مقرر ڪيل ماڻهن، جيڪي ٻي صورت ۾ قاعدن ۾ بدلي لاءِ اهل نہ هيا انهن جي مقرري جي تشخيص ڪرڻ جي گنجائش ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪميشن سان رابطو ڪرڻ کانسواءِ مخصوص عهدن تي مقرر ڪيل ماڻهن جي مقرريءَ جي موزونيت جي تشخيص ۽ بدلي ذريعي مقرر ڪيل ماڻهن، جيڪي ٻي صورت ۾ قاعدن ۾ بدلي لاءِ اهل نہ هيا انهن جي مقرري جي تشخيص عوامي مفاد ۾ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووينشل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووينشل

کانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سرڪاري ملازمن جي (مقرري بابت موزونيت جي تشخيص) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "ڪميشن" مطلب سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن؛

(b) "قاعدا" مطلب سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان سول سروس (ايگزيڪيوٽو برانچ) رولز 1964؛

(c) "ملازمت" مطلب ملازمت جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

(d) "مخصوص آسامي" مطلب:

(i) بي پي ايس 16 يا ان کان مٿي ڪا آسامي جيئن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن فنڪشنز رولز جي رول 5 ۾ بيان ڪيو ويو هجي ۽ ڪميشن سان رابطو ڪرڻ کانسواءِ پري وئي هجي؛ يا

(ii) ملازمت ۾ اها آسامي جيڪا بدليءَ ذريعي پري وئي هجي، پر (5)(c)5 رولس مطابق اهي مقرر ڪيل ماڻهو اهڙين آسامين تي ڪم نہ ٿي ڪري سگھيا.

ڪميشن ڏانهن ريفرنس

3.ڪو شخص جيڪو 1985 کان 1997 تائين مخصوص عهدي تي ۽ ڪنهن بہ حيثيت ۾ مقرر ڪيو ويو آهي ۽ هن

**Reference to commission**

آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ سان جيستائين ڪجهہ قانون، قاعدن يا ڪنهن ڊڪري، حڪم يا عدالتي فيصلي جي متضاد نہ آهي، ان کي ڪميشن آڏو پيش ٿيڻو پوندو تہ جيئن مخصوص عهدي تي مقرري بابت موزونيت لاءِ لکت ۾ ٽيسٽ ڏئي يا انٽرويو ڏئي لاڳاپيل ماڻهو هدايتن تي عمل ڪندو.

**ملازمت تان برطرفي**
**Termination of service**

4.جتي ڪو لاڳاپيل ماڻهو دفعہ 3 تحت جاري ڪيل هدايتن تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا مخصوص سيٽ لاءِ اهو موزون ثابت نہ ٿو ٿئي تہ اهڙي ماڻهو جي ملازمت فوري طور تي جنهن وقت کان اهو هدايتن تي عمل نہ ٿو ڪري ڪميشن طرفان نتيجن جو اعلان ڪرڻ واري تاريخ کان ختم ڪئي ويندي، يا جيئن معاملو هجي.

**سينيارٽي**
**Seniority**

5.جتي لاڳاپيل ماڻهو مخصوص عهدي تي ڪميشن طرفان موزون قرار ڏنو وڃي ٿو اهو ملازمت جاري رکندو ۽ هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان فوري اڳ ڪيس سموري سينيارٽي سونپي ويندي.

**دائره اختيار تي پابندي ۽ مقدمن کان منع**
**Bar of Jurisdiction and abatement of suits**

6.ڪنهن بہ عدالت کي هن آرڊيننس تحت جاري ڪيل هدايتن يا ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪا ڪارروائي ڪرڻ، ڪو فيصلو ٻڌائڻ يا ان سان لاڳاپيل ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو دائرو اختيار نہ هوندو ۽ هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ تي ان سلسلي ۾ التويٰ ۾ پيل سمورا مقدما، اپيلون ۽ درخواستون خارج ٿي وينديون.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**